# قرآنءِ
# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

05-August-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

## 05 آگسٽ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قرآنءِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ

### هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ✿...فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي قبولِ اسلام جو واقعو
- ✿...مُوَافقاتِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو بيان
- ✿...فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي شان ۾ نازِل ٿيندڙ آيتون
- ✿...فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو شوق و ذوقِ تلاوت

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

## نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف جي معنيٰ آهي: مون سُنّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. مسجد ۾ اچڻ ثواب جو ڪم آهي، جڏهن ته مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، هر ڀيري ياد ڪري عربي، سنڌي يا ڪنهن به زبان ۾ اعتڪاف جي نيت به ڪرڻ گهرجي! اِنْ شَآءَ الله! هن جي برڪت سان جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.**

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**اسلام جو ٻيون خليفو، اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائي ٿو: بيشڪ دُعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهندي آهي، هن مان ڪا شيءِ مٿي ڏانهن ناهي ويندي، ايستائين جو توهان پنهنجي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ نه پڙهي ونو.**[1]

1...ترمذی، ابواب:الوتر، صفحہ:145، حدیث:486۔

| | |
|---|---|
| دُعا کے ساتھ نہ ہووے اگر درود شریف | نہ ہووے حشر تلک بھی بر آورِ حاجات |
| قبولیت ہے دُعا کو درود کے باعِث | یہ ہے درود کی ثابت کرامت و برکات[1] |

**وضاحت:** يعني دُعا سان گڏ دُرود نہ پڙهيو وڃي تہ اهڙي دُعا قيامت تائين بہ قبول ناهي ٿيندي، دُعا درودِ پاڪ جي صدقي ئي قبول ڪئي ويندي آهي، درود پاڪ جي اها عزت ۽ برڪت روايتن مان پڻ ثابت آهي.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تَدْخُلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ چڱي نيت جنت ۾ داخل ڪندي آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** سني نيت سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دروان سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

صحابيءِ رسول، حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: جڏهن بہ نيڪ شخصن جو تَذڪرو ٿئي تہ اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو تذڪرو ڪرڻ ۾ جلدي ڪيو! **بيشڪ حضرت عمر فاروق** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو

1...کافی کی نعت، صفحہ:41۔

2...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

اسلام قبول ڪرڻ مَدَد هو، **بيشڪ حضرت عمر** رَضِیَ اللهُ عَنْه **جو خليفو بنجڻ فتوحات** (يعني ڪاميابين) **جو ذريعو هو، الله پاڪ جو قسم! جڏهن حضرت عمر** رَضِیَ اللهُ عَنْه **شهيد ٿيا، دُنيا جي هر شيءِ ايستائين جو وڻن ڪي بہ ان جو ڏُک ٿيو، الله پاڪ جو قسم! مان سمجهان ٿو، حضرت عمر** رَضِیَ اللهُ عَنْه **جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ هڪ ملائڪ هو جيڪو کين قُوَّت ڏيندو ۽ هدايت ڪندو هو، الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن مون کي خبر پئجي وڃي تہ حضرت فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللهُ عَنْه **ڪنهن ڪُتي سان محبت ڪندا ها تہ مان بہ ضرور ان ڪتي سان محبت ڪيان ها.**[1]

| | |
|---|---|
| بہارِ باغِ ایماں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بَزمِ عرفاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں |
| نہ کیوں وہ ذات چمکے،جس نے دِیْنِ پاک چمکایا | جہاں کے مہرِ تاباں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں |
| وہ عالم دَبدَبہ کا، کانپتے ہیں قیصر و کِسریٰ | ہے جن سے دِین کی شاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں[2] |

**پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عبد الله بن مسعود** رَضِیَ اللهُ عَنْه **فقيهہ اصحابن مان آهن يعني ❖ پاڻ** رَضِیَ اللهُ عَنْه **وڏي رُتبي وارا صحابي بہ آهن ❖ ماهر عالِمِ دين بہ آهن ❖ ۽ وڏي رتبي وارا مفتي بہ آهن ❖ صحابي سڀ‌ڳورا** عَلَيهِمُ الرِّضوَان **سندن کان فتوائون پڇندا هئا ❖ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: جيڪو قرآنِ ڪريم ايئن پڙهڻ چاهي ٿو جيئن نازِل ٿيو آهي، ان کي گهرجي عبد الله بن مسعود جيان پڙهي.**[3] ❖ **پياري نبي، سچي نبي، مڪي مدني** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي نعلين شريف ۽ وهاڻو مبارڪ کڻڻ، رکڻ جي خدمت حضرت عبد الله بن مسعود** رَضِیَ اللهُ عَنْه **جي حوالي هئي، ان ڪري کين صَاحِبُ الْوِسَادَةِ وَ**

1...مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب:الفضائل، فی فضل عمربن الخطاب، جلد:7، صفحہ:480، حدیث:22۔

2...دیوانِ سالک، صفحہ:28۔

3...سنن کبریٰ للنسائی، کتاب:المناقب، عبداللہ بن مسعود، جلد:7، صفحہ:352، حدیث:8199۔

النَّعْلَيْن پڻ چيو ويندو آهي يعني حُضور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نعلين شريف ۽ وهاڻو مبارڪ کڻڻ، رکڻ وارا.[1]

ايڏي وڏي رُتبي وارا صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ نصيحت فرمائي رهيا آهن: جڏهن بہ نيڪن جو تذڪرو ٿئي تہ جلد ئي اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو ذِڪر بہ ڪيو! ٿورو غور فرمايو! حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہ حضرت عمرِ فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان پنهنجي محبت جو اِظهار ڪيتري زبردست انداز ۾ ڪيو آهي، فرمائي رهيا آهن: جيڪڏهن مون کي خبر پئجي وڃي تہ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪنهن ڪتي سان محبت ڪن ٿا تہ مان بہ ان سان محبت ڪندس يعني اهڙي حقير شيء جنهن سان عموماً محبت ناهي ڪئي ويندي، جيڪڏهن فرض ڪيو حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان سان محبت ڪن ۽ مون کي معلوم ٿي وڃي تہ مان بہ ان شيء سان محبت ڪندس.

سُبحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضوَان سان، اَهلِ بيت اطهار رَضِیَ اللہُ عَنْہم سان، خلفاءِ راشدين سان، پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق سان، ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق سان، ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني سان، چوٿين خليفي حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہم سان ڪمال محبت ڪرڻ، ان جو گهڻو اَدب ڪرڻ، انهن جي تذڪري سان زبان تَر رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ .

ہر صحابیٔ نبی، جنّتی جنّتی | چار یارِ نبی، جنّتی جنّتی
ابو بکر و عمر، جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی، جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی، جنّتی جنّتی | حَسَنْ بھی حُسَیْن بھی، جنّتی جنّتی

1...بخاری، کتاب:فضائل اصحاب النبی، باب:مناقب عبداللہ بن مسعود، صفحہ:950، حدیث:3761۔

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي نصيحت مُطابق اڄ اسان اِن شَآءَ اللّٰہ الكرِيم! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ذِكرِ خير ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. ❖ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اعلي رُتبي وارا صحابيءِ رسول بلڪ مُرادِ رَسُول آهن، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کين الله پاڪ کان گهري ورتو هو يعني رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُعا فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اسلام قبول ڪيو هو.

| | |
|---|---|
| رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا | عطاءِ رَبِّ سُبحاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں |
| چُنا اس پاک نے دیں کے لئے اس پاک ستھرے کو | حبیبِ دِین داراں حضرتِ فاروق اعظم ہیں |

❖ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي اسلام قبول ڪرڻ سان اسلام جي عزت ۽ غلبي ۾ وڌيڪ اِضافو ٿيو، مسلمانن ڪي حوصلو مليو ❖ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي قبولِ اسلام کان بعد ئي مسلمانن حرمِ پاڪ ۾ اعلانيه نماز ادا ڪئي ❖ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي پنهنجو وزير فرمايو ❖ اسلام جي تمام اَهم منصوبه بندين ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ الله پاڪ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا خاص مُشِير رهيا ❖ سڄي زِندگي حُضُور جانِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ گذاريائون ❖ پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي وفات کان پوءِ 12 سالن تائين مسلمانن جا خليفه ۽ اَمِيرُ المُؤمِنِين رهيا.

| | |
|---|---|
| پسِ صدیق اکبر مصطفٰے کے سب صحابہ میں | ہے بے شک سب سے اُونچا مرتبہ فاروقِ اعظم کا[1] |

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔

❖ آخر مسجدِ نبوي شريف ۾، نمازِ فجر پڙهائيندي، هڪ ڪافِر خنجر سان سندن تي حملو ڪيو، جنهن سبب زخمي ٿي پيا ۽ مديني پاڪ ۾ شهادت جي موت نصيب ٿي. حضرت صُهيب رَضِیَ اللہُ عَنْہ سندن نمازِ جنازه پڙهائي ۽ روضي پاڪ ۾ حضور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پهلو مبارڪ ۾ دَفن ٿيا.[1]

حیاتی میں تو تھے ہی خدمتِ محبوب خالق میں | مزار اب ہے قریبِ مصطفےٰ فاروقِ اعظم کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرتِ پاڪ جا ڪوڙ سارا پهلو آهن، انهن مان هڪ تمام اَهم پهلو: **حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو قرآنِ ڪريم سان گهرو تعلق آهي.** الحمد للّٰه! تمام صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ئي قرآنِ ڪريم سان گهڻي محبت ڪندا هئا، قرآنِ ڪريم سکندا، سمجهندا هئا، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا، ان تي عمل ڪندا هئا پر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سيرتِ پاڪ ڪي پڙهو ته سندن جو قرآنِ ڪريم سان الڳ قِسم جو ئي تعلق نظر اچي ٿو. مثال طور تي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو ئي ڏسي وٺو!

## حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو

مَشهور واقعو آهي: حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ اڃا اسلام قبول نہ ڪيو هو، پاڻ اسلام جا سخت دُشمن هئا، هڪ ڏينهن سخت ڪاوڙ ۾، اُگهاڙي تلوار کڻي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مَعَاذَاللّٰه! شهيد ڪرڻ جي ارادي کان وڃي رهيا هئا، رستي ۾ خبر پئي ته سندن ڀيڻ بہ ڪلمو

1 ...ڪرامات فاروقِ اعظم، صفحہ:5تا6خلاصةً۔

پڙهي مسلمان ٿي چڪي آهي، پيڻ جي گهر پهتا، اندران قرآن پڙهڻ جو آواز اچي رهيو هو، دروازو کڙڪايو، اندر ويا، پيڻ تي تشدد ڪيو، پيٽوئي کي بہ گهٽو ماريائين، پر جڏهن ڏٺائين تہ مار کائي بہ انهن جي دِل مان اسلام جي محبت گهٽ نہ پئي ٿئي تہ ارادو ظاهر ڪيائون تہ آخر ڏسان اها ڪهڙي طاقت آهي، اسلام ۾ ڪهڙي لذّت آهي جو ايتري مار کائڻ کان بہ گهٽ نٿي ٿئي، پيڻ کان قرآنِ ڪريم گهريائون، پيڻ فرمايو: ناپاڪ ماڻهو هن کي هٿ نٿا لڳائي سگهن، غسل ڪيو يا وُضُو ڪيو پوءِ قرآنِ ڪريم ملندو، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْه وُضو ڪري، قرآنِ ڪريم هٿ ۾ کڻي کوليائون، سوره طٰہٰ جون آيتون سامهون هيون، پاڻ پڙهڻ شروع ڪري جڏهن هن آيت تي پهتا:

| | |
|---|---|
| اِنَّنِیْۤ اَنَا اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاعْبُدْنِیْۙ (پاره16،سورۂ طٰهٰ:14) | ترجموڪنزالايمان: بيشڪ مان ئي آهيان الله، مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي، پوءِ منهنجي عبادت ڪر. |

رڳو هيستائين پڙهايائون تہ قرآنِ ڪريم پنهنجو اَثر ڏيکاريو، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جي دِل نرم ٿي وئي، دِل ۾ نورِ ايمان پيدا ٿي ويو، بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيا، ڪلمو پڙهيو ۽ گڏوگڏ مسلمانن وڏي زور سان نعره تڪبير لڳايو جو حرمِ ڪعبہ تائين ان جي گونج پهتي. اهڙي طرح حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه اسلام ۾ داخِل ٿي ويا.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** ڏسو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه جو قرآنِ ڪريم سان ڪيترو گهرو تعلق آهي، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان ۾ بعض اهي آهن جيڪي معجزا ڏسي مسلمان ٿيا، بعض صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضوَان اَخلاقِ مصطفيٰ

1...اتحاف الخيرة المهرة، كتاب:الفضائل، باب:فضائل عمر ، جلد:9، صفحه:221تا222، حديث:8865خلاصةً۔

**کان مُتَاَثّر ٿي مسلمان ٿيا، ڪجھ صحابي سڳورا** عَلَیهِمُ الرِّضوَان **دليل ٻُڌي، اسلام جي سچائي ڏسي مسلمان ٿيا، بعض صحابہ ڪرام** عَلَیهِمُ الرِّضوَان **مثال طور حضرت ابو بڪر صديق** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **بنا ڪنهن دليل جي، بنا معجزو ڏسڻ جي مسلمان ٿيا، بعض صحابہ ڪرام** عَلَیهِمُ الرِّضوَان **قرآنِ ڪريم ٻُڌي، قرآنِ ڪريم پڙهي مسلمان ٿيا، اهي جيڪي قرآنِ ڪريم پڙهي، ٻُڌي مسلمان ٿيڻ وارا آهن، انهن ۾ سرِ فهرست نالو حضرت عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **جو آهي، هڪ روايت ۾ آهي: جڏهن سندن ڀيڻ پاڻ کي قرآنِ ڪريم ڏنو، ڪولي پڙهڻ شروع ڪيو تہ جيئن جيئن پاڻ پڙهندا ويا سندن تي ڏڪٽي طارِي ٿيندي وئي، نيٺ ايمان سندن دِل ۾ لهي ويو ۽ پاڻ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.** [1]

| | |
|---|---|
| رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا | عطاءِ ربِّ سُبحاں حضرتِ فاروق اعظم ہیں |
| چُنا اس پاک نے دیں کے لئے اس پاک ستھرے کو | حبیبِ دِین داراں حضرتِ فاروق اعظم ہیں [2] |

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ

**مُحَدِّث سڳورا ۽ علماءِ ڪرام** رَحمَةُ اللّٰہِ عَلَیہِم **جڏهن بہ خليفي، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **جي سيرتِ پاڪ بيان ڪندا آهن تہ ان ۾ هڪ خاص عُنوان ذِڪر ڪيو ويندو آهي: مُوَافِقاتِ عمر** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ.

**اهو عنوان خاص حضرت عمر فاروقِ اعظم** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **جي سيرتِ پاڪ جو آهي، ان کان عِلاوه بہ ڪنهن صحابي** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ **جي سيرت ۾ باقاعِده سان "مُوَافقات" بيان ناهن ڪيون وينديون.**

---

1...مسند بزار، اسلم مولی عمرعن عمر، جلد:1، صفحہ:401، حديث:279ملتقطاً۔

2...ديوانِ سالک، صفحہ:28۔

مُوَافقات جو مطلب آهي: قرآنِ ڪريم جون اهي آيتون جيڪي اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي راءِ جي مُوَافِق نازِل ٿيون؛ مثال طور حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ بارگاهِ رسالت ۾ ڪا راءِ پيش ڪئي، ان تي قرآنِ ڪريم جي آيت نازِل ٿي وئي، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي زبان مبارڪ مان ڪو جملو نڪتو، ان تي آيت سڳوري نازِل ٿي وئي، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪو ڪم ڪيو، ان جي درست هئڻ تي قرآنِ ڪريم جي آيت نازِل ٿي وئي. اهي ڪُل 20 يا ان کان به وڌيڪ آيتون آهن جيڪي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي راءِ جي مُوَافِق نازِل ٿيون، انهن کي "مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ" چيو ويندو آهي.

مثال طور ❖ هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ڇا اسان مقامِ ابراهيم کي مُصَلّو نه بڻائي ڇڏيون، هن تي آيتِ ڪريمه نازِل ٿي:

| | |
|---|---|
| وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ (پاره1،سورة البقرة:125) | ترجموڪنزالايمان: ۽ ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مقرر ڪري وٺو، |

❖ هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن اسان صَفَا ۽ مَروَه جو طواف (يعني سَعي ڪيون، صَفَا و مَروَه جا چڪر لڳائيندا) ڪيون ته (ڪيترو سٺو لڳندو...!)، هن تي اها آيت سڳوري نازِل ٿي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَیْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْهِ اَنْ یَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ (پاره2،سورة البقرة:158) | ترجموڪنزالايمان: بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو ان گهر جو حج يا عمرو ڪري، اُن تي گناه نه آهي جو انهن ٻنهي جو طواف ڪري. |

❖ عبد الله بِن اُبَي جيڪو مُنَافِقن جو سردار هو، اهو جڏهن واصِلِ جهنّم ٿيو، ان وقت حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه عرض ڪيو: يارَسُول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! هن ڪافِر مُنَافِق جي جنازي نماز نہ پڙهي وڃي، ان تي قرآني حڪم نازِل ٿيو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ (پاره10،سورةالتوبۃ:84) | ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن مان ڪنهن جي بہ ميت تي نماز نہ پڙهجانءِ ۽ نہ ان جي قبر تي بيهجانءِ. |

❖ هڪ يهودي "اِبنِ صُوريا" جيڪو ڪافِر هو، ان چيو: اسان جبريل جا دُشمن آهيون، جيڪڏهن توهان جي نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ وٽ ميڪائيل وحي کڻي اچي ها تہ اسان ڪلمو پڙهون ها، هن بدبخت جي اهڙي گستاخي واري گفتگو تي حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْه جن فرمايو: مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِلّٰهِ وَ مَلَائِكَتِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَجِبْرِيْل وَ مِيْكَائِيْلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكَافِرِيْن۔

حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْه هن ڪافِر کي اهو جواب ڏنو، هوڏانهن حضرت جبريل عَلَيه السَّلام بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيا ۽ اهي ئي جملا آيتِ قرآني بڻجي نازِل ٿيا، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَ مَلٰٓىٕكَتِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ جِبْرِیْلَ وَ مِیْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِیْنَ ﴿۹۸﴾ (پاره1،سورةالبقرة:98) | ترجموڪنزالايمان: جيڪو الله ۽ ان جي ملائڪن ۽ سندس رسول ۽ جبرئيل ۽ ميڪائيل جو دشمن ٿيندو پوءِ الله (بہ اهڙن) ڪافرن جو دشمن آهي. |

❖ اهڙي طرح اسلام ۾ پهريان شراب حلال هئي، هڪ ڀيري حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْه **دُعا گهري:** **اَللّٰهمَّ بَيِّنْ لَنَا فِي الخَمرِ يعني اِلٰهي!** شراب جي مُعَامَلي ۾ اسان جي رهنمائي فرماءِ. هن تي اها آيت سڳوري نازِل ٿي:

يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ

(پاره5،سورةالنساء:43)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ نشي جي حالت ۾ نماز کي ويجها نہ وڃو جيستائين جو ايترو هوش نہ هجي جو اهو سمجهو جيڪي چئو.

هن آيت ۾ صِرف نمازن جي وقتن ۾ شراب پيئڻ کان منع ڪيو ويو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **حضرت عمر** رَضِیَ اللہُ عَنْه **کي گهرائي اها آيت ڪريمہ ٻُڌائي، حضرت عمر** رَضِیَ اللہُ عَنْه **وري دُعا گُهري: اِلٰهي!** مزيد واضِح حڪم عطا فرماءِ، پوءِ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازِل ٿي:

یَسْــٴَـلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَ الْمَیْسِرِؕ قُلْ فِیْهِمَاۤ اِثْمٌ كَبِیْرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ٘ وَ اِثْمُهُمَاۤ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَاؕ

(پاره2،سورةالبقرة:219)

ترجموڪنزالايمان:توهان کان شراب ۽ جوا جو حڪم پڇن ٿا، اوهان فرمايو تہ انهن ٻنهي ۾ وڏو گناه آهي ۽ ماڻهن لاءِ ڪجهہ دنياوي نفعو بہ آهي پر انهن ٻنهي جو گناه سندن نفعي کان گهڻو وڏو آهي.

هن آيت ڪريمہ ۾ شراب جي بُرائي بيان ڪئي وئي پر ان کي مڪمل طَور تي حرام قرار ناهي ڏنو ويو، پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **حضرت عمر** رَضِیَ اللہُ عَنْه **کي گهرايو، اها آيت ٻُڌائي، حضرت عمر** رَضِیَ اللہُ عَنْه **وري دُعا گهري: اِلٰهي!** اجا واضِح حڪم عطا فرماءِ، هاڻي هيءَ آيتِ ڪريمہ نازِل ٿي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾

(پاره7،سورة المائدة:90)

ترجمو كنزالايمان: اي ايمان وارؤ شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ تير ناپاڪ ئي آهن شيطاني ڪم انهن کان بچندا رهو من توهان ڪامياب ٿيو.

هن آيت ۾ شراب کي مڪمل طَور تي حرام ڪيو ويو.[1]

ملی تائیدِ خدا، تائیدِ حبیبِ خدا
مل گئی تائیدِ اَصحابِ خَیرُ الْوَریٰ
دیا حق نے ان کا ساتھ ہے
فاروقِ اعظم کی کیا بات ہے
پیکرِ صدق و صفا ان کے
حق میں رسول خدا کی دُعا
جب بھی کچھ کہے حق تیرے ساتھ ہے
فاروقِ اعظم کی کیا بات ہے

مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب "فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ" پڙهڻ مفيد رهندو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حديث سڳورين ۾ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسلام جي ٻئي خليفي، اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مُوَافقات يعني سندن راءِ جي مُوَافِق نازِل ٿيڻ وارين

1...ثلاث رسائل فی مُوافقات عمربن الخطاب، صفحہ:111تا164ملتقطاً۔

هنن آيتن کي سامهون رکي اندازو لڳايو تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي راءِ ڪيتري مضبوط هئي، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سوچ، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو فکر ڪيترو اعليٰ هو، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو دِلي لاڙو ڪيترو زَبردست هو، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ قرآنِ ڪريم جي مِزَاج سان ڪيترا واقِف هئا جو سندن سوچ جي مُوَافِق، سندن فِڪر جي مُوَافِق، سندن راءِ ۽ دِلي ميلان جي مُوَافق قرآنِ ڪريم لهندو هو. سُبحٰنَ اللّٰه! اهو آهي قرآنِ ڪريم جو ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو پاڻ ۾ انتهائي گهرو تعلق..!

❖ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن عمر سان بغض رکيو، ان مون سان بغض رکيو، جنهن عمر سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي. بيشڪ اللّٰه پاڪ عرفہ جي رات جو مسلمانن تي عام فخر فرمائيندو آهي ۽ عمر تي خصوصي فخر فرمائيندو آهي، بيشڪ پهريان جيترا نبي سڳورا عَلَیْهِمُ السَّلَام تشريف فرما ٿيا، اُنهن جي اُمَّت ۾ مُحَدِّث هوندا هئا، جيڪڏهن منهنجي اُمَّت ۾ ڪو مُحَدِّث آهي تہ اهو عمر آهي. صحابہ ڪرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان پڇيو: يارَسُولَ اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ڪهڙا مُحَدِّث؟ فرمايائون: اهو جنهن جي زبان تي ملائڪ ڳالهائيندا آهن.[1]

اسان وٽ عام طور تي جيڪو لفظِ مُحَدِّث چيو ويندو آهي جيئن مَولانا سَردار احمد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان چيو ويندو آهي، هن مان مراد آهي: حديث شريف جو تمام وڏو عالِم، ۽ هن حديثِ پاڪ ۾ جيڪو لفظ "مُحَدِّث" آيو آهي، هن مان مراد اهو شخص آهي جنهن جي زبان تي ملائڪ ڪلام ڪندا آهن ۽ اهي مُحَدِّث حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ آهن.

❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اللّٰهَ جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ وَ قَلْبِهٖ بيشڪ اللّٰه

---

1...معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:102، حديث:6726۔

پاڪ عمر جي زبان ۽ دِل تي حق رکي ڇڏيو آهي.[1] ❖ طَبَراني شريف جي حديثِ پاڪ ۾ آهي، مکي مدني آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عمر مون سان گڏ آهي، مان عمر سان گڏ آهيان، مون کان پوءِ عمر جتي به هجي، حق ان سان گڏ هوندو.[2] ❖ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: نبين جي سَروَر، آقاءِ عمر صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: آسمان تي ڪو ملائڪ ناهي پر اهو عمر جي عزّت ڪري ٿو ۽ زمين تي ڪو شيطان ناهي پر اهو عمر کان پري ڀڄي ٿو.[3]

ہے ایسا رُعب' ایسا دبدبہ فاروقِ اعظم کا | گلی سے ان کی شیطاں دُم دبا کر بھاگ جاتا ہے[4]

هڪ ڀيري صحابي رسول، حضرت اَبُو ذَر غِفَاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هڪ نوجوان کي فرمايو: اِسْتَغْفِرْ لِی منهنجي لاءِ مغفرت جي دعا گهرو...!

سُبْحٰنَ اللّٰہ! اندازو ڪيو! حضرت اَبُو ذَر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ وڏي رتبي وارا صحابي آهن، هر صحابي جنّتي آهي، اُن جي باوُجود حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هڪ نوجوان کان دُعاءِ مغفرت ڪرائي رهيا آهن، اسان کي به گهرجي ته اسان مسلمانن کان پنهنجي لاءِ دُعاءِ مغفرت ڪرايون، خبر ناهي ڪنهن جي دُعا قبول ٿي وڃي ۽ اسان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي، اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ته ٻارن کي فرمائيندا هئا: ٻارو...! دُعا ڪيو ته عمر بخشجي وڃي.[5]

---

1...کنزالعمال، کتاب:الفضائل، فضل عمر بن الخطاب، جزء:11، جلد:6، صفحہ:262، حديث:32714۔

2...تاريخ ابن عساکر، جلد:48، صفحہ:324۔

3...جامع صغير، صفحہ:486، حديث:7953۔

4...وسائلِ بخشش، صفحہ:526۔

5...فضائل دُعا، صفحہ:112۔

خير! حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ خاص انهيءَ نوجوان کان دُعا چو ڪرائي رهيا هئا، هن جو سبب وڏو ايمان افروز آهي، حضرت ابوذر غفاريءَ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان نوجوان کي فرمايو: منهنجي لاءِ مغفرت جي دعا گھرو ڇوته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي: بيشڪ الله پاڪ حق کي عمر جي زبان تي رکي ڇڏيو آهي ۽ مون اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي زبان مبارڪ مان ٻڌو آهي ته تون تمام سٺو انسان آهين.[1]

رہے تیری عطا سے یا خُدا تیری عنایت سے | ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا
بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سیدھے رستے سے | کرم جس بخت ور پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دِين اسان تائين رِوايتن ذريعي پهتو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هينئر مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ ٻڌو، بعض نادان فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي انهن موافقات جو اِنڪار ڪندا آهن، انهن جو چوڻ آهي ته موافقاتِ عمر کي مڃڻ سان خَتمِ نبوت جو اِنڪار لازِم اچي ٿو، مثال طور جيڪڏهن اسان مڃون ٿا ته هڪ جملو جيڪو حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي زبان مان نڪتو هو، پوءِ اهو ئي جملو قرآني آيت بڻجي نازِل ٿيو ته هن جو مطلب اهو نڪرندو ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تي به مَعَاذَ الله! وَحي نازِل ٿيندي هئي ۽ اهو خَتمِ نبوت جو اِنڪار آهي، لهٰذا مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مڃڻ درست نه آهي.

1...مستدرک، کتاب:معرفۃ الصحابۃ، ان اللہ جعل الحق، جلد:4، صفحہ:40، حدیث:4557۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:526۔

اهو انهن نادانن جو اعتراض آهي. هن اعتراض جي جواب ۾ ﺑﻪ مدني گل ذهن نشين ڪريو! ❖ پهريون مدني گل ته اهو ياد رکڻو آهي ته "دِين" اسان تائين عقل ذريعي نه، بلڪ دِين روايتن سان پهتو آهي. يعني جيڪو ڪجھ قرآنِ ڪريم ۾ آهي، جيڪو ڪجھ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو، ان کي مجڻ جو نالو دين آهي، هاڻي پياري آقا، رسولِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جيڪو ڪجھ فرمايو، اهو سڀ ڪجھ صحابي سڳورن عَلَیہِمُ الرِّضوَان ٻڌو، ڏٺو ۽ اڳتي بيان ڪيو، پوءِ صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضوَان کان تابِعِين ٻڌو، تابِعِين کان تَبَع تابِعِين ٻڌو، پوءِ تبع تَابِعِين پنهنجي بعد وارن کي ٻڌايو، ايئن ڪندي ڪندي اسان تائين دِين پهتو، هاڻي اها جيڪا روايت ٿي يعني هڪ شخص پنهنجي بعد واري کي دِين جون ڳالهيون سيکاريندو رهي، ٻڌائيندو رهي، هن جي باري ۾ اُصُول مقرر آهن، بَس جيڪا ڳالھ اسان تائين پهتي ۽ اُنهن اُصولن جي مُطَابق آهي، ان کي قبول ڪيو ويندو، جيڪڏهن اسان جو عقل ان ڳالھ جي مُوَافِق آهي ته ان تي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪر اسان جي عقل ۾ اها ڳالھ سمجھ ۾ نه ٿي اچي ته ان تي عقل جا گهوڙا نه ڊوڙايا وڃن بلڪ دِين جي ان ڳالھ کي، حديثِ پاڪ کي، صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضوَان جي انهن فرمانن کي مڃيو ويندو، عقل جي پيروي نه ڪئي ويندي. لٰهٰذا جڏهن حديثن ۾ موجود آهي ته حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هن اُمَّت جا مُحَدِّث آهن، سندن زبان تي ملائڪ ڪلام ڪندا آهن، سندن زبان تي الله پاڪ حق رکي ڇڏيو آهي، حديثن ۾ ﺑﻪ اهو موجود آهي ته ڪوڙ آيتون حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي مُوَافقت ۾ نازِل ٿيون آهن، حديثِ پاڪ جي وڏن وڏن ماهر عالم سڳورن اهي حديثون، اهي روايتون ڪتابن ۾ لکيون آهن ته هاڻي اسان جي عقل ۾ اچن يا نه اچن، اسان انهن کي قبول ٿي ڪنداسين ۽ بَس...

عقل کو تنقید سے فرصت نہیں | عشق پر اعمال کی بنیاد رکھ

❖ رهي اها ڳالهه تہ جيڪڏهن مُوَافقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مڃيو وڃي تہ هن سان خَتمِ نبوت جو انڪار ٿئي ٿو تہ اها ڳالهه بلڪل غلط آهي، مُوَافِقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مڃڻ سان خَتمِ نبوت جو انڪار نٿو ٿئي بلڪ اهو تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي آخري نبي هئڻ جو زَبردست دليل آهي. اهو ڪيئن؟ اهو سمجهڻ جي لاءِ هڪ حديثِ پاڪ سمجهو!

## ”خَتمِ نبوت“ بابت زبردست دليل

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حديثِ پاڪ آهي: لَوْ كَانَ بَعْدِی نَبِيًّا لَكَانَ عُمَرجيڪڏهن مون کان بعد ڪو نبي ٿئي ها تہ ضرور عمر ٿئي ها. [1]

سُبحٰنَ اللّٰہ! ڇا شان آهي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو. اها حديثِ پاڪ خَتمِ نبوت جو بہ دليل آهي ۽ الحمد للّٰہ! عِلمِ غيب جو بہ بهترين دليل آهي. ڏسو! مِثال طور تي جيڪڏهن سُوال ڪيو وڃي تہ جنهن جاءِ تي اڄ مِينارِ پاڪستان نهيل آهي، هن جاءِ تي فرض ڪيو مِينارِ پاڪستان نہ هجي ها تہ ڇا هجي ها؟ ڇا ڪو شخص هن سُوال جو يقيني جواب ڏئي سگهي ٿو؟ نٿو ڏئي سگهي، جيڪڏهن ڪو چوندو تہ هن جاءِ تي هوٽل هجي ها، تہ اهو بہ ڇئي سگهجي ٿو تہ هتي هوٽل نہ مسجد هجي ها. يعني ڪو بہ شخص حَتمِي طور تي نٿو ٻڌائي سگهي تہ جيڪڏهن مِينارِ پاڪستان نہ هجي ها تہ هن هنڌ ڇا هجي ها. هاڻي ڏسو! اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان بعد قيامت تائين ڪو نبي نہ ايندو، نئون نبي اچڻ بلڪل ناممڪن آهي، فرض ڪيو جيڪڏهن نئون نبي اچڻ ممڪن هجي ها تہ ڪير

---

1...مستدرک، کتاب:معرفة الصحابة، لو کان بعدی نبی، جلد:4، صفحہ:38، حدیث:4551۔

نبي بڻجي ها؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن جو يقيني جواب اِرشَاد فرمايو تہ مون کان بعد ڪو نبي اچڻ تہ ناممڪن، جيڪڏهن بالفرض ممڪن هجي ها تہ پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ نبي بڻجي ها. خبر پئي جيڪو ٿي چڪو ۽ جيڪو قيامت تائين ٿيڻو آهي، اهو تہ غيب ڄاڻيندڙ آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي خبر آهي، ان سان گڏوگڏ جيڪو نہ آهي، جيڪڏهن هجي ها تہ ڪيئن هجي ها، اسان جا آقا، سردارِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهو بہ ڄاڻن ٿا. سُبحٰنَ اللّٰه! اهو آهي عِلمِ غيبِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

عَالِمُ الْغَیْب نے ہر غیب سے آگاہ کیا | صدقے اس شان کی بینائی و دانائی کے[1]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اها ئي حديثِ پاڪ تہ **"جيڪڏهن مون کان بعد ڪو نبي هجي ها تہ عمر نبي بڻجي ها"** هن حديثِ پاڪ جو اَصل مطلب بہ سمجهو! سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي وَضَاحت مُطَابق هن حديثِ پاڪ جو مطلب اهو آهي تہ نَبُوّت ڪسبي نہ آهي يعني ڪو بہ پنهنجي ڪوشش سان، پنهنجي محنت سان نبي نٿو بڻجي سگهي بلڪ اللّٰه پاڪ جنهن کي چاهيندو آهي نبوت جو تاج پارائيندو آهي، ها! اهو تاجِ نبوت اللّٰه پاڪ صِرف ان کي پارائي ٿو جنهن کي ان جي لائق بڻائيندو آهي، هن اعتبار سان ڏٺو وڃي تہ اهي تمام اَوصاف جيڪي نبين ۾ هوندا آهن، اهي سمورا اَوصَاف حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۾ موجود آهن پر اللّٰه پاڪ ان کي نبي ناهي بڻايو، ڇو ناهي بڻايو...؟ ان ڪري جو اللّٰه پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُنيا ۾ اچي چڪا آهن، هاڻي نبوت جو دروازو بند ٿي چڪو آهي، هاڻي قيامت تائين ڪو بہ نئون نبي نہ ايندو.[2]

---

1...ذوق نعت، صفحہ:239۔

2...فتاوٰی رضویہ، جلد:15، صفحہ:673۔

ڏسو! اها عظيم شخصيت جنهن جا وصف انبياءِ ڪرام عَلَیۡھِمُ السَّلَام جي وصفن جهڙا آهن، جنهن جو ڪردار پاڪيزه آهي، جنهن جا اخلاق پاڪيزه آهن، جنهن کان شيطان ڊڄي ٿو، جنهن جي زبان تي ملائڪ ڪلام ڪن ٿا، جنهن جي زبان تي الله پاڪ حق رکيو آهي، جنهن جي راءِ جي مُوَافِق قرآني آيتون نازل ٿيون، جڏهن اهڙي بلند شان وارو صحابي، اسلام جو ٻيو خليفو، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ به پياري آقا، سردارِ انبياء صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي غلامي اختيار ڪن ٿا، جڏهن اهي به پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي آخري نبي مڃن ٿا، جڏهن اهي بلند رتبي وارا صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ به نبوت جي دعويٰ نٿا ڪن ته هاڻي قيامت تائين جي لاءِ جيڪو به نبوت جي دعويٰ ڪندو، ان کي ڪپي ته ٽڪريان آئيني ۾ پنهنجو منهن ڏسي، نبوت ته تمام ئي بلند درجو آهي، هاڻي قيامت تائين ڪو شخص حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي درجي تائين به نٿو پهچي سگهي، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ صحابي آهن، هاڻي ڪو به صحابي نٿو بڻجي سگهي، حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مُوَافقت ۾ قرآنِ ڪريم لهندو هو، هاڻي قرآنِ ڪريم مڪمل ٿي چڪو، هاڻي ڪنهن جي موافقت ۾ قرآن نه لهندو، لهٰذا قيامت تائين نئون نبي اچڻ ته پري جي ڳالهه آهي، هاڻي ڪو ٻيو عمر به نٿو ٿي سگهي.

معلوم ٿيو ته جڏهن اسان اهو مڃون ٿا ته حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي راءِ جي مُوَافِق قرآنِ ڪريم جون آيتون نازل ٿينديون هيون، پوءِ اهو به مڃون ٿا ته حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ايڏي وڏي شان وارا هئڻ جي باوُجود نبي نه آهن بلڪ صحابي هئا ته اها هن ڳالهه جي زبردست دليل آهي ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان بعد هاڻي قيامت تائين دُنيا ۾ ڪو نئون نبي نه ايندو، جيڪڏهن اچڻ ممڪن هجي ها ته حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ نبي ٿي چڪا هجن ها، جڏهن اها شخصيت جن جي موافقت ۾ قرآن لهي ٿو، اهو به نبي نه ٿيو ته هاڻي

کو ٻيو نبي ڪيئن ٿو ٿي سگهي. لِهٰذا مُوافقاتِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي مڃڻ خَتمِ نبوت جو اِنڪار نہ آهي بلڪ الحمد للّٰہ! خَتمِ نبوت جو زبردست دليل آهي.

نبوت ختم ہے تم پر کہ ختم الانبیاء تم ہو | تمہارے بعد پیدا ہو نبی کوئی نہیں ممکن[1]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شانِ فاروقِ اعظم بزبانِ قرآن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جون 20 آيتون تہ اهي آهن جيڪي اسلام جي ٻي خليفي، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي راءِ جي مُوَافِق نازِل ٿيون، اهڙي طرح قرآنِ ڪريم جون 20 آيتون اهي بہ آهن جيڪي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي شان ۾ نازِل ٿيون ۽ انهن ۾ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو شان ۽ عظمت بيان ڪئي وئي آهي. اچو! انهن آيتن مان صِرف 2 آيتون ٻڌون ٿا ۽ جيڪڏهن 20 آيتن جي تفصيلي معلومات حاصِل ڪرڻ چاهيو تہ ان لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب "فيضانِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ" پڙهي وٺو.

## (1): فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ نيڪ مومن آهن

سُلطَانُ المُفَسّرِين حضرت عبد اللّٰہ بن عبَّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن مُعَامَلي ۾ فِڪر مند هئا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عرض ڪيو: يارسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! فِڪر جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، اللّٰہ پاڪ اوهان سان گڏ آهي، ملائڪ اوهان سان گڏ آهن، حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل عَلَیْہِمَا السَّلَام اوهان سان گڏ آهن، حضرت ابو

1...سامانِ بخشش، صفحہ:166۔

بکر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اوهان سان گڏ آهي، مان بہ حاضِر خِدمت آهيان، سمورا مسلمان اوهان سان گڏ آهن.

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هن طرح جڏهن پنهنجي محبوب آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي دِل جُوئي جو اهتمام کيو تہ اللّٰہ پاڪ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي تَصدِيق ۾ اها آيتِ ڪريمہ نازِل فرمائي ۽ ارشاد ٿيو:[1]

| | |
|---|---|
| فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوۡلٰىهُ وَجِبۡرِيۡلُ وَصَالِحُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ (پاره28،سورة التحريم:4) | ترجمو ڪنزالايمان: تہ بيشڪ اللّٰہ ان جو مددگار آهي ۽ جبرئيل ۽ نيڪ ايمان وارا. |

حضرت عبد اللّٰہ بن مَسعُود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، رسولِ اَڪرَم، نُورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن آيت جي تفسير ۾ فرمايو: صَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَبُوْ بَكْرٍ وَّ عُمَرَ يعني هن آيت ۾ نيڪ مؤمن مان مراد ابو بڪر صديق ۽ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا آهن.[2]

حضرت علّامہ عبدالرؤوف مناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هن فرمانِ عاليشان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ اسلام جا پهريان خليفہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ اسلام جا ٻيا خليفہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اهي ٻئي حضرات فضيلت ۾، وصفن ۾ تمام مسلمانن کان اَفضل ۽ اعليٰ آهن ۽ انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام کان بعد انهن جو رُتبو سڀ کان وڏو آهي.[3]

---

1...مَطلَعُ القَمَرَين فِی اِبَانَۃِ سَبقَۃِ العُمَرَين، صفحہ:186بتغير قليل۔

2...تفسير دُرّمنثور، پاره:28، التحريم، زيرِ آيت:4، جلد:8، صفحہ:223۔

3...مَطلَعُ القَمَرَين فی اِبَانَۃِ سَبقَۃِ العُمَرَين، صفحہ:186۔

عمر کافی نبی کو حَسْبُكَ الله سے یہ ثابت ہے | ہے شاہد جن پہ قرآں حضرت فاروق اعظم ہیں

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): ”فاروقِ اعظم“ جي لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري: 26، سوره حُجُرات جي ٻي آيت ۾ مسلمانن کي حڪم ڏنو ويو ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاھ ۾ جڏهن ڪجھ عرض ڪرڻو هجي ته هن ڳالھ جو خاص خيال رکيو وڃي ته ڪنهن جو به آواز هر گز محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آواز مبارڪ کان بلند نه ٿئي، نه ته توهان جا عمل، توهان جون نمازون، توهان جا روزا، توهان جا حج برباد ٿي وڃڻ جو انديشو آهي.

تِرمذي شريف جي روايت آهي، جڏهن اهو حڪم نازِل ٿيو ته حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروقِ اعظم ۽ ٻين ڪجھ صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان پاڻ تي وڏيڪ احتياط لازِم ڪري ورتو، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ايترو ته آهسته آواز ۾ گفتگو ڪندا هئا جو ڪڏهن ڪڏهن ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻيهر پڇڻو پوندو هو ته ڇا ٿا چئو.[1] سندن حق ۾ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓىِٕكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۳﴾ (پاره26،سورة الحجرات:3) | ترجموڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز جهڪو رکندا آهن الله جي رسول وٽ اهي ئي آهن جن جي دل الله پرهيزگاري جي واسطي پرکي ڇڏي آهي انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي. |

1...ترمذی، کتاب:تفسیر القرآن، باب:من سورة الحجرات، صفحہ:753، حدیث:3266۔

اهي صحابي سڀ ؚگورا عَلَيهِمُ الرِّضوَان جيڪي بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجو آواز هلڪو رکندا هئا، خاص ڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ انهن جي باري ۾ هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو ته الله پاڪ انهن جون دِليون تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي لاءِ پرکيون آهن، انهن جي لاءِ آخرت ۾ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

سُبحٰنَ الله! معلوم ٿيو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي بخشش يقيني آهي، اهي قطعي يقيني جنّتي آهن، ڇوته الله پاڪ هن آيتِ ڪريمه ۾ انهن جي بخشش جو ۽ انهن جي وڏي ثواب جو اعلان فرمايو آهي.

اس مبارک جماعت پہ لاکھوں سلام | وہ دسوں جن کو جنت کا مژدہ ملا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ تِلاوتِ قرآنِ ڪريم

پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ قرآنِ ڪريم تي عمل ڪرڻ ۾ به وڏا پڪا هئا، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ خليفه بڻيا ته سندن عادتِ مبارڪ هئي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ قرآنِ پاڪ ٻُڌي پنهنجي فيصلي کان رُڪجي ويندا هئا، ڪڏهن به قرآنِ ڪريم جي خِلاف فيصلو نه ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ شخص ڪو جُرم ڪيو، ان کي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خِدمت ۾ پيش ڪيو ويو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان کي سزا ٻُڌائي ته ان هيءَ آيت سڳوري پڙهي:

| | |
|---|---|
| خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِیْنَ ﴿۱۹۹﴾<br>(پاره9،سورۃالاعراف:199) | ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن |

موڙ.

اها آيت سڳوري ٻُڌي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هن ۾ غور ڪرڻ لڳا، پوءِ ان شخص کي مُعَاف ڪري ڇڏيائون.[1]

| | |
|---|---|
| خدا کے فَضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا | خُدا ان کا محمد مُصطفٰے فاروقِ اعظم کا |
| رہے تیری عطا سے یاخدا! تیری عنایت سے | ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروق اعظم کا[2] |

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نمازِ فجر ۾ زاروقطار روئڻ لڳا (حڪايت)

حضرت عبد الله بن شَدَّاد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فجر جي نماز پڙهي رهيا هئا، نماز ۾ سُوره يوسُف جي تِلاوت شروع ڪيائون، پڙهندي پڙهندي سوره يوسُف جي آيت نمبر: 84 تي پهتا، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰۤاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَ ابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿۸۴﴾ (پاره12،سورۀ يوسف:84) | ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن کان منهن موڙيائين ۽ چيائين هاءِ افسوس يوسف جي جدائي تي ۽ ان جو اکيون غم کان سفيد ٿي ويون ۽ اهو ڪاوڙ ڪائيندو رهيو. |

جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اها آيت سڳوري پڙهي ته زارو قطار روئڻ لڳا، روئيندا رهيا، روئيندا رهيا، پوءِ ڪافِي دير بعد رڪوع

1...الزواجر عن اقتراف الکبائر، الکبیرة الثالثة، جلد:1، صفحہ:107۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:526۔

ڪيائون. [1]

## رِقّت سبب ساهہ اُڪرجي ويو (حڪايت)

حضرت حَسَن رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: هڪ ڀيري اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ سورۂ طُور جي آيت:7 ۽ 8 جي تِلاوت ڪئي:

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۝ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۝ (پاره27،سورۂ طور:7تا8)

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب ضرور ٿي رهڻو آهي. ان کي ڪوبہ ٽارڻ وارو ڪونهي.

اهي آيتون پڙهي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي خوفِ خُدا جو غلبو ٿيو ۽ اهڙي رِقّت طارِي ٿي جو روئيندي روئيندي سندن ساهہ اُڪرجي ويو ۽ ڪم و بيش 20 ڏينهن تائين سندن اها ئي ڪيفيت رهي. [2]

ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی [3]

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اهو آهي اسلام جو ٻيو خليفو، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ...! ڪين قرآنِ ڪريم سان ڪيتري محبت هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪيڏي محبت سان، ڪيتري پيار سان، قرآنِ ڪريم جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ گم ٿي، خوفِ خُدا سان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪندا هئا، اسان بہ الحمد للّٰه! مسلمان آهيون. اسان ٿورو پنهنجي اندر بہ جهاتي پائي ڏسون، هر ڪو پنهنجي

---

1...ڪنزالعمال، ڪتاب:الفضائل، جزء:12، جلد:6، صفحہ:264، حديث:35828۔

2...ڪنزالعمال، ڪتاب:الفضائل، جزء:12، جلد:6، صفحہ:264، حديث:35827۔

3...وسائل بخشش، صفحہ:105۔

باري ۾ غور ڪري ته منهنجي دِل ۾ قرآنِ ڪريم جي ڪيتري محبت آهي؟ اهو اسان جو حق بڻجي ٿو، اسان پنهنجو پاڻ کان پڇون ته ڪيترا ڏينهن ٿي چڪا آهن قرآنِ ڪريم کولي ڏسندي، اهو قرآن، اهو الله پاڪ جو پاڪيزه ڪلام، جيڪو الله پاڪ اسان جي هدايت جي لاءِ نازِل فرمايو، اهو قرآن جيڪو شِفَا آهي، اهو قرآن جيڪو جسماني بيمارين جي لاءِ به شِفَا آهي، جيڪو باطني بيمارين جي لاءِ به شِفَا آهي، اهو قرآن جنهن ۾ اسان جي رَبّ اسان جي لاءِ زِندگي جا اُصُول بيان فرمايا آهن، اسان هن قرآنِ ڪريم کي، هن پاڪيزه ڪلامِ اِلٰهي کي ڪيترو پڙهون ٿا، هن کي سمجهڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪيون ٿا.

جيڪڏهن موٽر سائيڪل هلائي رهيا هجون، موبائل جي گهنٽي وڄي، ڪنهن جو ميسج اچي ته دِل ۾ هڪ هلچل مچي ويندي آهي، نماز پڙهي رهيا هجون، موبائل جي گهنٽي وڄي يا جنبش (*Vibration*) محسوس ٿئي ته نماز کان ڌيان هٽي ويندو آهي ته خبر ناهي ڪنهن جو ميسج هوندو، خبر ناهي ڇا چيو هوندئين، خبر ناهي ڪنهن جي فون اچي رهي آهي، فارِغ ٿي يڪدم موبائل ڏسندا آهيون، نماز ۾ جيڪڏهن گهنٽي وڄي ته بَس سلام ڦيرڻ جي دير ٿيندي آهي، بعض ته دُعا گهرڻ جيترو به صبر ناهن ڪندا، پهريان موبائل ڏسندا آهن. افسوس! اهو قرآن اسان جي رَبّ جو ڪلام آهي، هن ۾ اسان جي لاءِ هدايت آهي، هن ۾ اسان جي لاءِ روشني آهي، هن ۾ اسان جي لاءِ نور آهي، هن ۾ اسان جي مسئلن جو حَل آهي، هن ۾ اسان جي پريشانين جو حل آهي، هن ۾ اسان جي مُعَاشِي مُعَاملات جو حل آهي، هن ۾ گهر جنّت جو گهوارو بنائڻ جا اُصُول آهن، هن ۾ زِندگي خوب صُورت بنائڻ جي طريقن جو بيان آهي، افسوس! افسوس! هن پاڪيزه ڪلام کي پڙهڻ جي لاءِ اسان جي دِل بي چين ناهي ٿيندي، هن کي سمجهڻ جي لاءِ اسان بيتاب نٿا ٿيون. ڪاش! اسان کي به قرآنِ ڪريم جي محبت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان به قرآنِ ڪريم جي تلاوت

ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! اسان بہ قرآنِ ڪريم کي سمجھڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو صدقو نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان جي زندگي قرآنِ ڪريم جي آئينہ دار ٿي وڃي. حضرت عبد اللّٰہ بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: بيشڪ قرآن ڪريم شفاعت ڪرڻ وارو آهي ۽ هن جي شفاعت قبول بہ ڪئي ويندي، پوءِ جيڪو قرآنِ ڪريم کي پنهنجو امام ۽ پيشوا بڻائي وٺندو، قرآن ڪريم ان کي جنت ۾ وٺي ويندو ۽ جيڪو قرآنِ مجيد کي پٺي (يعني ڇڏي) ڏيندو، قرآنِ مجيد ان کي جهنّم ۾ ڌڪي ڇڏيندو.[1]

گَر تُو مِی خواہی مُسلماں زِیستَن | نیست ممکن جُز بہ قُرآں زِیستَن

ترجمو: جيڪڏهن مسلمان بڻجي زندگي گذارڻ چاهيو ٿا تہ بغير قرآن جي ايئن هر گز ممڪن نہ آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم

## مدرسة المدينہ (اسلامي ڀائرن جي لاءِ)

ڀهريان ”مدرسة المدينہ بالغان“ چيو ويندو هو، هاڻي مدرسة المدينہ (اسلامي ڀائرن جي لاءِ) چيو ويندو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآنِ ڪريم سان محبت ڪرڻ جي لاءِ، قرآنِ ڪريم جي تلاوت جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ، قرآنِ ڪريم سمجهڻ جو، قرآنِ ڪريم تي عمل ڪرڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، اِن شَآءَ اللّٰہ الڪرِيم! دِين ۽ دُنيا جون ڪوڙ ساريون ڀلائيون نصيب ٿينديون.

1...مُصَنَّف عَبْدُ الرَّزَاق، باب: تعليم القران، جلد:3، صفحہ:229، حديث:6030۔

دعوتِ اسلامي جو هڪ ديني ڪم آهي: مدرسة المدينہ (اسلامي ڀائرن جي لاءِ).

الحمد ﷲ! دعوتِ اسلامي تحت مسجدن ۾، اسڪول، ڪاليج ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ لڳندڙ مدارِسُ المدينہ ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ بنيادي ضروري اَحڪام و مَسَائل ۽ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن.

## فيشن پرست سُنتن جو عامِل بڻجي ويو

بلوچستان جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گهڻو فيشن پرست هيس، چهري تي ڏاڙهي نہ هئي نہ مٿي تي عمامي شريف جو تاج، سنّت جي راهہ کان پري دُنيا جي محبت ۾ پنهنجي قيمتي زندگي کي بي عملي ۽ جهالت جي اونداهي ۾ گذاري رهيو هيس. منهنجي زندگي ۾ روشني هن طرح نمودار ٿي جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي تجويد سان قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، نمازِ عشاء کان پوءِ لڳائي ويندڙ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون ان جي نيڪي جي دعوت کي قبول ڪري ورتو ۽ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، الحمد ﷲ! هن جي برڪت سان مون تجويد سان قرآن ڪريم پڙهڻ سکي ورتو ۽ فيشن پرستي ڇڏي سنّتن جو عامل بڻجي ويس.

یہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا صُبح وشام میرا کام ہو جائے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”مدني قاعِده (madani qaida)“ موبائِل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ موبائِل ايپليڪيشن به جاري ڪئي آهي، هن جو نالو آهي: مدني قاعِده (*Madani Qaida*). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعِده ۽ ان جو آڊيو (*Audio*) شامِل ڪيو ويو آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (*Click*) ڪندا، آڊيو (*Audio*) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعِدو پڙهي، هن جي مشق (*Practice*) ڪري دُرُست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. اها ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به فائدو وٺو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...جامع بيانِ علم، بَابُ:علم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220۔

## ”زلف رکڻ“ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**اي عاشقانِ رسول!** زلف رکڻ پياري پياري آقا، مديني واري **مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي** پياري پياري سنّتِ مبارڪ آهي ❖ **پاڻ ڪريم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **هميشه** پنهنجي مٿي مبارڪ جا وار شريف پورا رکيا. ❖ ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين، ڪڏهن ڪن مبارڪ جي پاپڙين تائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا زلف مبارڪ وڌي ويندا هئا ته مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي چمندا هئا. (شمائل محمديه، باب:شعر رسول الله، صفحه:104، حديث:24۔) **حضرت عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا **فرمائن ٿيون:** منهنجي سرتاج، **صاحبِ معراج** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جا زلف** مبارڪ ڪن جي پاپڙي کان ٿورو هيٺ هوندا هئا ۽ مبارڪ ڪلهن کي چمندا **هئا.** (شمائل محمديه، باب:خلق رسول الله، صفحه:35، حديث:25۔)

**اي عاشقانِ رسول!** مٿي جي وچ مان سينڌ ڪڍڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي. بهارِ شريعت ۾ آهي: ڪي ماڻهو ساڄي يا کاٻي پاسي سينڌ ڪيندا آهن، اها سنّت جي خلاف آهي. سنت اها آهي ته وچان سينڌ ڪڍي وڃي، ڪي ماڻهو وري سينڌ ناهن ڪيندا بلڪ وارن کي سڌو رکندا آهن اها سنت ناهي، اهو يهود و نصاريٰ جو طريقو آهي. (بهار شريعت، جلد:3، صفحه:587-588، حصه:16) **الله پاڪ** اسان سيني کي سنتن جو عامل بڻائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.

(افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحاديۃ عشرة، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

### ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

### ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافع امم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.**

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا **کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.**

( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد